Registered No. B. 1154.

سنڌي ساهت پريشد ڪراچي

مھجون ورھيہ ماھوار رسالو [٢ ۽ ٣ رسالو]

مي ۽ جون ١٩١٨

مئنيجر: لالچند امرڏنومل جڳتياڻي بي. اي.

بي بي رابع بصري

مصنف

ماستر محمد صالح دالائي سنڌ مدرسو

ڇاپو پهريون قيمت في جلد ٠-٦-٠ [جلد ١٠٠٠


---

١. رسالي جو سال مارچ کان شروع ٿئي ٿو. ورھيارو چندو ٻارھن رسالن لاءِ ڏيڻو پيشگي ورتو وڃي ٿو.

٢. ھر مھني جو رسالو مھني جي شروع ۾ نڪري ٿو. ڪنھن صاحب کي رسالو نہ پھچي تہ انھي مھني جي ١٠ تاريخ اندر اطلاع ڏياري موڪلي. تنھن کانپوءِ سڀائتي جوابدار نہ آھي.

٣. جن خريدارن وٽان آئينده ١٠ جنوري اندر اطلاع نہ پھچندو تہ ايندڙ سال لاءِ اسان خريدار نہ ٿيندا سين تہ سمجھيو ويندو وتہ جو صاحب خريدار رھڻ گھرن ٿا تہ ورھيارو چندي جي وصولي لاءِ فيبروري جو رسالو ڪين وي پي طور موڪلي ڏبو.

This picture shows clearly how the lines of traffic on the andhurst Road ultimately get congested and choked at the pera Junction of Roads.




ATTESTED S.No 62

the pedes- trian to negotiate.

are more than likely to occur every day either on account of ets, the recklessness of drivers or the vagaries of the speed it is too early to expect a sober discussion of the problem, But it is, surely, inhuman and barbarous to permit any longer

سو سکن ذ يئي، ورہ وهايم هيڪڙيءَ
مونکي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ



بي بي رابعہ بصري

عربن جي عدويہ پاڙي مان اسماعيل نالي هڪڙي ڏتريل پر بلڪل اشراف ۽ سگهڙ ماڻهوءَ جي چوٿين نياڻي هئي. رابعہ يعني چوٿين بہ ان کري کوٺيندا هئس. ماڻس پڻس اهڙا غريب ۽ ڪنگال هوا جو سندس ڄاپڻ رات گهر ۾ بتي ڏياتي ڪا نہ ٿي ٻري. رڳو اهڙو پراڻو سراڻو ڪپڙو ڪو نہ پيو هو، جنهن ۾ ڪري ڪيس ويڙهين ها. اُن مهل گهرواريءَ نماڻن نيڻن سان پنهنجي مڙس ڏي نهاري چيو تہ وڃي ڪنهن پاڙيسريءَ کان ڏيوو ۽ ڪپڙي ٽڪر مڱي اچو تہ وقت ٽپايون. سوال هن جي نظر ۾ ويڇا روهو تنهنڪري اول دل نہ پيريس تہ ڪنهن ثاني شريڪ ڪوٽ وڃي هٿ ٽنگيان. پر وري ابهم جي ماني الله جي آسر کري نڪتو، پر هتان هتان ٿي هٿين خالي موٽي آيو. چي سڀيئي ستا پيا آهن، ڪنهنجي وڃي

بسم الله الرحمن الرحيم

قطعه

جي دنيا ۾ هجن سڀ زالون اهڙيون
هجي مڙسن کان وڌ زالن جي منزل
عرب ۾ شمس مادي ۽ قمر نر
مگر سج اصل کان ٿيو چنڊ کان افضل .

مٿيون قطعه عاليجناب مرزا قليچ بيگ صاحب خاص هن رسالي لاءِ عربيءَ مان ترجمو ڪيو آهي جنهن لاءِ سندن ٿورائتو آهيان.

هن رسالي جي لکڻ ۾ شيخ عطار رحمه الله عليه جي ڪتاب تذڪرة الاولياء مان گهڻي مدد ورتي اٿم. سلسله وار احوال شايد وڌيڪ مزو بخشي ها مگر افسوس جو ڪوشش سان به ملي نه سگهيو. عبارت سليس آهي؛ اميد ته شوق سان پڙهيو ويندو.

محمد صالح هالائي .

ab...
ality. B...
...ed
...lent,
longer

تي دل ۾ پنهنجي پيءُ جي پيروي ڪرڻ ۽ قدم بقدم هلڻ جو قول ڪري رهي هئي، جئن سنڌ ۾ وڏي هوندي جي هيٺين ڳالهين مان معلوم ٿيندو.

جون ٿا ته هڪڙي پيري ڪيترائي ڏينهن بک تي بک ۾ گذاريا. نيٺ جڏهن بصر ڪانسوا ڪاڏي جون پيون سيئي شيون کٽان ملي ويون تڏهن نوڪريا ٽي عرض ڪيس ته جي موڪل هجي ته ڪنهن پاڙيسري کان بصروني اچان! جيا ٽيٽس ته مدت کان اهو انجام ڪيو اٿم ته ڪنهن کان به ڪجهه نه گهرنديس، بلڪ رب جي راضپي ڪانسواءِ خود ڪانٽس به بيءُ ڪنهن شي جو سوال نه ڪنديس؛ ته ايتري ۾ هڪڙو پڪي بصر جون به ٽي ڳنڍيون پنهنجي چنبن ۾ کڻي آيو ۽ اتي ڪيرائي هليو ويو. اي ڏسي چيائين ته شيطان جي پڪيڙيل چار کان غافل نه آهيان ۽ رکيل مانين تي ني وقت ٿيا ياءِ.

هڪ دفعي قاتل نقل ڪيڙا پئل هئس جي ڏسي ڪنهن بزرگ چيس ته هيترا ماٺ پيا آهن. جي ڪنهن کان گهرو ته هوند هر ڪا شيءِ پهچائي ڏيندو. چيائينس ته جڏهن خود ساري جهان جي خاوند ۽ مالڪ کان به سوال ڪندي شرم ٿو ٿئيم،

نندڙ ڦنايان؟ پوءِ ته جنهن ٿين ڪاري ڪانياڻ ۽
ٻرسٽي پئي اسماعيل کي خواب ۾ حضرت رسول
ڪريم صلعم جي زيارت نصيب ٿي. سڳوري
رسول فرمايو: خاطري ڪر، تنهنجي هيءَ ڏي
ڏئل ۽ خدا جي پياري آهي. صبح جو بصري جي اميرکي
اسانجي طرفان چئج ته تون هرروز سو دفعا ۽ هر
رات چارسو ڀيرا صلوات سڳوري پڙهندو آهين،
پر گذريل جمع ڏينهن اهين نه ڪيءِ تنهنڪري
انجي بدران ڪفاره يعني گنهگاريءَ طور مونکي چار
سو دينار ڏي ۽ اهي پئسا وٺي تون پنهنجي ڪتب
آڻج.
سج اڀرندي ئي اسماعيل يڪدم وڃي اميرکي
اهو پيغام پهچايو. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان خوشيءَ
وچون ڏه هزار درهم مسڪينن ۾ ورهايا ۽ ء
حڪم موجب چارسو دينار اسماعيل کي ڏنا ۽ ء
چيائينس ته هنڪانپوءِ ٻه جڏهن گهرج ٿئيو، تڏهن
بيشڪ مونوٽ اچجو. آءُ اوهانجي خدمت ڪرڻ
لاءِ هر طرح تيار آهيان، ڇو ته اوهين حضرت رسول
عربي صلعم جا قاصد آهيو.
ننڍڙي رابعه جڏهن ته اهو سارو حال ڏسي دل

ڏنا ۽ نہ ھندو بدران ھڪڙو ڦاٽل ٽڪر اٿس جنھن
تي وڌائي عيوض وڏي ھڪڙي سر رکي آھي .
ڪيس ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ چيائينس تہ منھنجي
ڪيترن ئي شاھوڪارن سان ڏيڻ آھي، جي موڪل
ڏيو تہ ڪا نئن اوھان ڪاڻ سيڻئي گھربل شيون وٺي
اچان . بي بيءَ چيس تہ جڏھن منھنجو اوھان
اٿھن ۽ ٻين بہ سڀني جو رزق ڏيندڙ ۽ گھرجون
پوريون ڪندڙ ساڳوئي آھي ، تڏھن چا درويشن
کي سندن درويشيءَ سببون وساري ڇڏيو اٿس يا
شاھوڪارن کي انھنجي شاھوڪاريءَ ڪري ياد رکي
ٿو ؟ . سڀو ھو سڀني جي حال کان واقف آھي .
تڏھن ڪھڙو ضرورجو ان کي يادگيري ڏيارجي !
ڪيس ائين ئي منظور آھي ، ۽ آءٌ بہ ان تي ئي
راضي آھيان .

ٻئي ھڪڙي پيري خواجہ حسن بصري وٽس
ويو . ڏسي تہ بصري جو ھڪڙو عزت وارو سردار
سندس عباد تخاني جي دروازي تي ، پيو روئي .
خواجہ صاحب ان کان روئڻ جو سبب پڇيو . ھن
چيو تہ روئڻ جي ھيءَ ڳوٺري بي بيءَ لاءِ آندي
ٿم پر ڪا ٿم تہ موٽائي ڏيندي، جنھنڪري وٽس

تڏهن انهن کان ڪئن گهران جن وٽ هرڪا شيءِ ٿورن ڏينهن لاءِ اڌاري آهي، ۽ جي درحقيقت ڪنهن به شيءِ جا مالڪ نه آهن.

هڪڙي ڏينهن پاڻ بيمار ٿي. حضرت سفيان ثوري پنهنجي هڪ سنگتيءَ سوڏوڪيس پڇڻ ويو، ۽ چيائينس ته دعا ڪريو ته خدا پاڪ اوهانکي هن مرض جي تڪليف کان ڇڏائي. بي بيءَ جواب ڏنس ته جڏهن جاڻو به ٿا ته هيءَ بيماري مالڪ وٽان آيل آهي، تڏهن اهڙي صلاح ڪئن ٿا ڏيو. ڇا اِي انجي مرضيءَ جي ابتڙ نه ٿيندو؟ دوست کي هرحال ۾ دوست جي مرضي رکڻ لازم آهي. هن چيس ته جي ڪنهن شي جي سَڌ هجيو ته چئجو. چيائينس ته حيرت آهي جو اوهان جهڙو سياڻو ماڻهو به اهڙيون ڳالهيون ڪري. ٻڌو ٻارهن ورهن کان ڇوهارن کائڻ جي سڌ اٿم. جهڙا سستا آهن ته به اڃا سوڌو پاڻ کي جهليو اچان، ڇو ته آءٌ آهيان بندي، ۽ بنديءَ کي سَڌَ ۽ خواهش سان ڪهڙو ڪم؟ ۽ صاف پيو آهي ته جا شي مالڪ نه ٿو چاهي، سا جي ڪو لي چاهي ته ڪفر ٿئي.

هڪ لنگا حضرت مالڪ دينار سان ٿس ملڻ ويو.

سائڻ کنهن بيءَ ڏي موڪليون آهن. هن گهٽائي
قسم سنهن کنيا پر سڀ اجايا ٿيا. آخر ويئي هاي
۽ جلد ئي ويه مانيون آڻي حاضر ڪيائين جي پاڻ
وٽي رکياءِ. مهمانن حيرت وچون ڪانئس انجي
سبب پڇيو. چيائين ته پروردگار جو قول آهي ته

اهڪ بدران ڏهوڻيون ڏيندس.

مهمان نوازيءَ جا فرض ادا ڪرڻا هوئم، انهيڪري
ان قول تي پورو ڀروسو رکي پنهنجيون مانيون
سائل کي ڏنيون هيم. پوءِ جيسين انجي پورائي
نه ٿي ۽ ويه نه مليم تيسين وٽڻ کان انڪار ڪيم.
انهن ئي ڳالهين جي ڪري ڪيس اُم الخير يعني ڀلائي
جي ماءُ سڏيو ويو آهي ۽ اهيئي خاصيتون هيون
جن چقمق جيان وقت جي اهڙن زبردست صوفين
۽ ڀهنل ٻانهن کي ڏانهس ڇڪي آندو ٿي.

پيءُ ماءُ نه ڀلا ڪيس پينگهي ۾ئي پروڙيو هو،
سي ڏينهان ڏينهن ويا مٿس پنهنجو رنگ چاڙهيندا.
آخر اڄ ننڍي سيان وڏي هر روز ويئي مٿ
مٿانهين ٿيندي پر نه ڳڏيون ٿي وٺيس نه ڳڏا.
ٻارا ڻي نيسي ۽ چڙ ۽ چپ جو ته منهنجو ناانصافي ڪونه
هو. سارو ڏينهن آسپاس جي قدرتي نشانين ڏي

ي ٿئو سگهان . مهرباني ڪري اوهين سفارش
هو ته قبول پون . خواجه صاحب اندر وڃي
ي سفارش ڪئي . پاڻ ڪا ساعت ته ڪنڌ
ڪيو خيال ۾ ويٺي رهي ; پر نيٺ مٿو مبارڪ
ڪڍي ڏانهس نهاري چيائون : حضرتا ! ان بابت
به نه چئوم . چوته جنهن ڏينهن کان پنهنجي
پروردگار کي سچا ٿيو اٿم ، جو بندن جي هيترين
ارڏائين ڪرڻ هوندي به سندين روزي بند
ڪري ; پنهنجن پيارن کي ماني ۽ پاڻي کان
ئي جيئرو رکي ٿو ، تنهن ڏينهن کانوٺي
قن ۾ اميد رکڻ ڇڏي ڏني اٿم . پلا هن جو
نوڪٽن قبول ڪريان جڏهن خبر نه اٿم ته
جو آهي يا حرام جو .
هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي ته ڪي به مهمان
ويا . ان وقت بيبيءَ وٽ فقط به مانيون
هيون . اتفاق سان هڪڙي فقير اچي سوال
جنهن تي بئي مانيون ڪري انکي ڏنائون . گهڙي
مس گذري ته هڪڙي شاهوڪار جي گولي
ن مانيون ڪڍي آئي . بيبي صاحب چيس
ائي وڃ . ڏوڪان ڀُل ٿي آهي . تنهنجيءَ

اهو خيال ڪري ڏانهنس وڌيو. بي بي صاحبہ
بہ سندس ٽڪرين ٽڪرين وکن مان تاڙي ويئي تہ
نيت ڪوتي اٿس جنهن ڪري پاڻ بچائڻ خاطر
ڀڄڻ جو خيال ڪياءِ پر سگهوئي ٿابڙجي ڪري
پيئي ۽ ٻانهن ضربجي پيس. پوءِ تہ پنهنجو مبارڪ
مٿو مٽيءَ تي رکي چياءِ: الهي! هائو پاپيس. ڏٺي
تعاليٰ راضي ٿيءُ. تنهنجي ئي خوشي گهربل اٿم.
تہ تڏهن باقي ڇا رهيو؟ پاڻ ڇنڊي اماڪ ٽپ
ڏيئي اُٿي ۽ ان ماٺوءَ سان گڏجي وڃي سنديس
نوڪرياڻي ٿي رهي. پر انڌي اکيان آهري ڪر
ٿٿو ٿنگيو آ ٨. هن مورکہ اڻ ماهي ماٽڪ جو قدر نہ
سڃاتو ۽ ڪڪڙ جيان هن بي بها هيري کي نڪمو
سمجهي، سگهوئي ٽورنئي پيس ۽ هڪڙي وڏيري
هٽ وڪڻي ڇڏيائينس. پر هو بہ اهڙوئي پارکو
نڪتو. بي بي صاحبہ هڪڙو ڪمرو روڪيو ٿي تہ
پيو اکيئي رٿيو رکيو هوس. ان هوندي بہ پاڻ پنهن
جي سچي مالڪ کي هرگز نہ وساريائين. رات جو
جڏهن گهر جا سمورا پاڻي غفلت جي متواليءَ ۽ مٺيءَ
مٺي ننڊ ۾ مٽن جيان پيا هوندا هوا، تڏهن هيءُ هوريان
هوريان هڪ پريري ڪنڊ ۾ وڃي خدا جي بندگي

ويچارڪرڻ ۾ئي وندري ويٺي هوندي هئي.
سنديس اهڙين سهڻين عادتن سببون پيءُ
ماءُ جا نيڻ ٺري پوندا هوا ۽ هو پنهنجي مسڪيني
حال هوندي به هر وقت نهال پيا ٿيندا هوا، تان جو
نيٺ هڪ ٻئي پٺيان پنهنجيءَ پنهنجيءَ حياتيءَ
جون گهڙيون پوريون ڪري اولاد کي هميشه جي
جدائيءَ جو داغ ڏيئي، ٻئي هن فانيءَ دنيا مان
لڏي ويا.

پيءُ ماءُ جي وفات جو سور اڃا ٿيو ته
مٿان وري ٻيءَ ۾ هڪ اهڙي سخت ڌڪار
منهن ڪڍيو جو پنهنجا به پنهنجن کي نه سڃاڻن.
پاءُ نه پاءُ پيڙو. پٽ نه پيءُ جو همراهه. ماڪ
سارو ڏترجي پيو. مٺ مائٽ وڃڙجي ويا. هيءُ
يتيم ڪٽنب به ان جي اثرکان بچي نه سگهيو ۽
پينرون هڪ ٻئي کان ڇڙوڇڙ ٿي ويون. بي بي
صاحب به هڪڙو منهن ڏيئي اٿي هلي ته وات تي
ڪولوپي منهن چڙهي ويس. ڪيس ڏسنديئي
دن پليد جو وات پرجي آيو. دل ۾ چيائين ته واهه
ببلي! ڏٺيءَ نه ڏٺ ڏيا ريو آهي. ننڍي نيٺي
آهي. ونيو وڃيو ٿو ڪٽائنس. گهٽيئي تڪا مانډ ۾.

نوڪري وٺڻ درست نا هي. هاڻ پاڻ کي آزاد سمجهو. بلڪ جي اسان وٽ رهو ته وس آهر چاڪري ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

پاڻ وٽن رهڻ پسند نه ڪياءِ ۽ ڪانئن موڪلائي سڌي خواجه حسن بصريءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ وري پنهنجي اباڻي گهر ڏي ويئي، پر اتي به آرام نه آيس، جنهن ڪري وجي دريا جي ڪپ تي رهڻ لڳي، جتي سندس مريدن ۽ خدمتگارن هڪڙو ڪکائون جهونپڙو ٺاهي ڏنس جنهن ۾ سڄا سارا چاليهه سال گهاريائين.

هڪڙي ڏينهن خواجه حسن بصري ۽ حضرت ذوالنون مصري بيبيءَ صاحبه کي نديءَ جي ڪنڌيءَ تي رڻ ئي رڻ ۾ ويٺل ڏسي، سندس خدمتگارن کي پاسي لڳي چيو ته اوهين بيبيءَ جي خدمت سچيءَ دل سان ڇو نه ٿا ڪريو؟ جهونپڙي ڪيس پٽ ۾ ڦٿو ڪيو آٿو؟ چيائون ته ڇا ڪريون. مرضيءَ جي مالڪ آهي. جئن ٿو وڻيس تئن ٿي ڪري. اسانجي مور نه ٿي هلي. پر هڪ پيرو وريو به وجيو ٿا عرض آزي ڪريونس من مڃي به. پوءِ هو ميڙ ڪري وٽس ويا ۽ عرض ڪيائونس ته اي

۾ مشغول رهندي هئي. هڪڙي رات وڏيرو اوچتوئي اوچتو جاڳي پيو ته ٻيءَ جي هيٺين مناجات ڪنين پئجي ويس.

مناجات

اي غيب ڪان واقف والي! دلين جو حال توکان ڳجهو ڪينهي. سنديم دلي خواهش آهي ته پنهنجي فاني حياتيءَ جا ڏينهڙا تنهنجي چئي مڃڻ ۾ گذاريان ۽ تنهنجن حڪمن کان ڪڏهن به پاسو نه ڪريان. تنهنجو فضل اپار آهي. آءٌ رڳي تنهنجيءَ رضا جي ڳولائو ۽ سڌ ايل آهيان. تڏهن اي داتا! مونکي پنهنجي رضا بخش ۽ مٿم پنهنجو ڪرم ڪندو رهه.

مناجات ٻڌنديئي وڏيري جا هٿ پير ٺري ويا. لڳس ۾ جنسي ڏڪڻي وٺي ويس. جي مونکي ڪيڙي خبر ته ڪو ڪهڙو هيناڻ لکي رکيو آهي. ماڻ ڏاڍو ابهرو ٿيس. خير ان وقت کيس تڪليف ڏيڻ چڱي نه ڄاتائي، جئن تئن ڪري رات وهايائين. پر جڏهن

صبح صادق جو ويو پکڙجي نور
ٿي ويئي رات جي سياهي دور

تڏهن پاڻهون ٻڌي عرض ڪياءِ ته اوهان کان

جو وري چوندي هيس ته اي منهنجا نفس مبارڪ
هجيئي جو غافل نه رهئين. هاڻي باقي ٿي ڏينهن
دنيا ۾ آهين. پوءِ سڳهوئي نعمتن کي رسنديءَ ۾
معنتن کان چڱي پوندين. جي ڪڏهن ڪڏهن
نند باڪل زور رکندي هيس ته چوندي هئي ته اي
منهنجا نفس اوجهڙم. هشيار ٿي. سگهوئي ننڊ ڙيون
ڪندين ۽ خوشحال ٿيندين. ۽ جيڪڏهن مهيني
پين صبح جو مصلي تي ويني ويني ننڊ ڪنجي ب
ويندي هيس ته ڪلاڪ مني بعد پاڻ سنڀالي
چوندي هئي ته اي منهنجا ضعيف نفس. هاڻي ته
غفلت ڇڏ. ايڏي ننڊ ڇو ڪئي. عبرت جي نظر
ڪر ته خبر پوئي. قبر ۾ گهڻئي ننڊ آهي، قيامت
سوڌو سمهو پيو رهج. هنڌ راتي همت جو سندرو
ٻڌ ۽ رب جي عبادت ڪر.

هڪڙيءَ رات جو ذڪر آهي ته ڪيس اک لڳي
ويئي. چور آيو ۽ سنديس چادر کڻي پانياءِ ته وڃان
ته رستو ئي نه لڀيس. لاچار چادر رکڻي ڇڏي ڪياءِ
ته اما لک وڃي رستي تي نظر پيس. اهو جا نچي
جان ڪري چادر کڻي ته رستو نه ڏيئي ڪونه. غرض
ته ٽي چار ڀيرا ائين ڪياءِ. آخر آواز آيس ته

سردار اوهانجو چنو ڪڪائون آهي ۽ اٺس وريءَ در
به ڪونہ. جهنگ ۾ مرون مانگر گهڻا پيا گهمن.
مهرباني ڪري موڪل ڏيو تہ ڪو مظبوط گهرجوڙي
وٺون. آخر گهٽي ريڙه پيڙه ڪانپوءِ پاڻ ڪين اجازت
ڏناءِ. جڏهن گهرجڙي راس ٿيو، تڏهن رات جو
در ڏيئي چڏيائون. پر ٪ جو بيبي صاحبہ در وٽ
وڃي تہ تاڙيون ۽ تاڙا ڏنا پيا آهن. تڏهن پاڻ
نوڪرن کي سڏي چياءِ تہ هيءَ ٻور ۽ ٻٽ مونکان
نہ پڇندي آءُ وڃانو ٿي. ۽ نيٺ وري بہ وڃي
ٻوني تي رهڻ لڳي. چونٺا تہ اتي هر رات ٥٠٠
رڪعتون پڙهندي هئي. ماڻهن پڇيس تہ
اهڙا ڪشالا ڇو ٿي ڪرين؟ چيائين تہ من قيامت
جي ڏينهن حضرت صلعم جن منهنجي عبادت
ڏسي خوش ٿين ۽ نبين جي جماعت ۾ مرڪن ۽
چون تہ جڏهن هن اُمتياڻي زال جي ئي هيتري
عبادت آهي تڏهن مردن جي ڪيتري نہ هوندي!
نقل آهي تہ رات جو پنهنجي نفس کي هميشہ
هئن چوندي هئي تہ صبح تاءِ دنيا ۾ مس جيترو
هوندين تڏهين اُتي خدا جي عبادت ۾ ڪشالو
ڪڍ، تہ قيامت جي ڏينهن افسوس نہ ٿئيئي. صبح

جا ٽٽڪار اسان کي انهي جي ڪوڙي خبر. چيائين ته تڏهن اوهين ئي ٻڌايو ته شادي ڪرڻ لاءِ دل ڪئن چونديم.

نقل آهي ته ڪو بزرگ وٽس نڪاح جي غرض ١
سان ويو. بيبي صاحبه چيس ته دنيا جو ٻولينڊڙ نه مڙس آهي نه زال. عقبيٰ جو ٻولينڊڙ مونث آهي ۽ مولا جو طالب مذڪر. هاڻي جي اوهين دنيا جا طالب آهيو ته ته اهڙي ماڻهوءَ سان زال جو نڪاح جائز ناهي. جي آخرت جا طالب آهيو تڏهن ته توهين به مونث، آءٌ به مونث ۽ عورت جو نڪاح عورت سان ٿي نه ٿو سگهي ۽ جي حق جا گهوريو آهيو ته آءٌ به حق جي ئي گهوريو آهيان. ان صورت ۾ ٻئي ٿيا سون مذڪر ۽ مرد جو نڪاح مرد سان نه سڱو نه ٻڌو.

هڪ دفعي خواجه حسن بصريءَ چيس ته ڪنهن سان شادي ڪٿي ڪر. چيائينس ته شاديءَ جي ضرورت اهڙي ماڻهوءَ کي آهي جو پنهنجي وس ۽ اختيار ۾ هجي. آءٌ پنهنجي اختيار ۾ ئي نه آهيان. منهنجو مالڪ خدا آهي. تڏهن مون بابت ڳالهه به ان سان ئي ڪرڻ گهرجي.

ڇو پيو پيغا ئد و پاڻ پتوڙين . ڪيترنئي ورهين کان
ھن پاڻکي سمورو اسانجي حوالي ڪري ڇڏيو
آھي . جڏھن ابليس به وٽس وڃي نه ٿو سگھي ،
تڏھين تون ڪير جو سنديس چاد رکٽي سگھندين ؟
ھرو ڀرو پاڻ نه کوه . ماٺ ڪري ھليو وڃ ڇو ته
جي ھڪڙو دوست ستو پيو آھي ته پيو ته جاڳي پيو .
اھو توکي ڪٿان ڪٽي وجھڻ ڏيندو ؟
بيشڪ بيبي صاحبه پاڻکي سمورو حقتعالي
جي حوالي ڪري ڇڏيو ھو . ڇون ٿا ته انھي ئي
سببون شادي ڪرڻ کان انڪار ڪياءِ ٿي .
ھڪڙي ڏينھن ڪن ماڻھن پڇيس ته شادي ڇونه
ٿي ڪرين ؟ چيائين ته ٽن شين جو غم اٿم .
جيڪڏھن ان کان ڇڏائي سگھوم ته يڪدم شادي
ڪري وٺان . اول ھي ته ايمان جي سلامتيءَ
سان مرنديس يا نه ؟ ٻيو ته قيامت جي ڏينھن
اعمال نامو سڄي ھٿ ۾ ڏيندم يا کٻي ۾ ؟ ٽيون
ھيءَ ته ان ڏينھن جڏھن ھڪڙن کي ساڄي پاسي
کان بھشت ڏي ۽ ٻين کي ڏائي طرف کان دوزخ
ڏي وٺي ويندا تڏھن آءُ ڪھڙي پاسي ھونديس ؟
ھو ويچارا مورگھو اڃي ٿا ٿا . چيائونس جا ٽي

ذڪر هميشه گهٽو ڪبو آهي. جي انجي محبت
کان آجو ھجين ھا تہ جيڪر ايترو ڪڏهن بہ ياد نہ
ڪرينس ها.

پڇيائونس تہ ڪٿان آئي آهين ۽ ڪيڏانهن
پيئي وڃين؟ چيائين تہ هتان اچي وري بہ اوڏي
ئي وڃي رهي آهيان. چيائونس تہ پالا هتي ڇا
ڪري رهي آهين؟ چيائين تہ غم. پڇيائونس تہ
ڪهڙو؟ چيائين تہ هيءُ جو دنيا جي ڪمن ڪارين
۾ مشغول آهيان ۽ ماني ڳڪانسواءِ نہ ٿي سريم.

هڪڙي گهڙي حضرت سفيان ثوريءَ کي هيءَ
دعا گهرندي ٻڌائين: الهي! آءٌ توکان پنهنجي
سلامتي ٿو گهران. اِهو ٻڌي اچي روئڻ ۾ پيتڪي.
حضرت سفيان پڇيس تہ ڇو ٿي روئين؟ چيائينس
تہ تو هين سلامتي ٿا گهرو. سلامتي آهي دنيا جي
ترڪ ڪرڻ جو نالو ۽ اوهين ان ۾ ويڙهيا پيا آهيو.
ارمان آهي جو انسان پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪا بہ
ڪوشش نہ ڪري، رڳو دعا تي پاڙيو وهي. ڌڻيءَ
جي دربار ۾ نت

توبه ۽ زاري

سان ڪم وٺجي. پر زبان سان توبه ڪرڻ رڳو

خواجہ حسن پڇيس تہ ھيءَ درجو ڪٿان مليءِ ؟ چيائين تہ دنيا ۽ دنيا ۾ جيڪي بہ آھي سو سڀ منجھس گم ڪري وڌم. پڇيائينس تہ پلا ڪيس سچاتءِ ڪٿان؟ چيائينس تہ ڪٿان ٻئان سان اوھان سچا ٿو ھوندس. مون تہ ھنڪي ڪٿان ٻئان ڪانسوائي چاتو.

مطلب تہ پنھنجين سمورين سڌن ۽ خواھشن کي الله جي رضا ۾ گم ڪري طالب جي تندن کي ٽوڙ پاسي ٽاڙي ٽاڙي نيٺ دنيا کان بيزاري اختيار ڪري ورتي ھوائ.

چون ٿا ھڪڙي ڏينھن خذمتگار اچي عرض ڪيس تہ سانوڻ سببون چوڌاري ڇھچٽو لڳو پيو آھي. ٿورو ٻاھر ھلي قادر جي قدرت جو تماشو تہ ڏسو. چيائينس تہ ھيڏي حجري ۾ اچي خود قادر کي نہ ڏسين. اھو چڱو ھو چڱو؟ مونکي جوڙيندڙ جي حضوريءَ کان مهلت ڪٿي جو جوڙ ڏي نھاريان!

ھڪ دفعي بصري جو ڪو عالم شخص وٽس وچي دنيا جون ڏکيون ڏکيون گالھيون ڪرڻ لڳو. چيائينس پائنجي ٿو تہ دنيا جي محبت دل ۾ جاءِ جوڙي ويٺي اٿيئي. چو تہ دلگھريي شيءِ جو

ٿئي پيئا ٿا دلگهڙئي جي گهرج باقي نه ٿي رهي ۽ سڀ جاڳ: دل اُٿا آهي جا خدا ۾ محو ۽ گم ٿيو وڃي ۽ خدا جي ذات پاڪ کي فنا ڪا نهي. تڏهن جو شخص ان غيرفاني ذات ۾ فنا ٿي چڪو تنهن کي ٻي ڪنهن جي حاجت ئي ڪهڙي؟ ڇو جو فنا في الله جو درجو اهوئي آهي.

هڪ گهڙي ڪنهن پڇيس ته عارف ڪير آهي؟ چيائينس ته عارف اهو آهي، جو حقتعاليٰ کان دل گهري. جڏهن کيس صاف ۽ پاڪ دل عطا ٿئي، تڏهن يڪدم وري به خدا پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏي ته پلي سندس قبضي ۾ قابو ۽ محفوظ هجي ۽ خالق کان لڪي رهي.

ماٺهن چيس ته سنڌ ۽ زبان ڏاڍي مٺي آهي. جيڪڏهن ڪنهن مسافرخاني جي نگهبان ٻڌجين ته جيڪر ڏاڍو چڱو ٿئي. چيائين ته آءٌ خود پنهنجي مسافرخاني جي نگهبان آهيان. جيڪي اندر ۾ اٿم سو باهر ڪڍيو ڇڏيان ۽ جيڪي باهر آهي تنهنکي اندر اچڻ نه ٿي ڏيان. ٿوڙي ڪو اچي يا وڃي، منهنجو سا ٽس ڪهڙو ڪم؟ ڇو ته آءٌ دل جي نگهبان آهيان، نه مٺيءَ جي. پر

ڏونگين وارو ڏونگ آهي. سچي توبه اها آهي
جا پنهنجي هستي وساري، وجود وڃائي، پوءِ
ڪبجي ٿي. جي نه ته هڪڙي توبه بعد وري پيءَ
جي گهرج ٿيو پوي.

هڪڙي پيري حضرت صالح مرّي چيو ته
جيڪڏهن ڪو شخص در پيو ڪڙڪائيندو ته آخر
کلي پوندو. بي بي صاحبه چيس ته ڪيستائين پيو
ڪڙڪائيندين ؟ پيرين ڪو بوريو به اٿس چا جو
پئي ؟

پڇيائونس ته جيڪڏهن ڪو گنهگار توبه ڪري
ته قبول پوندي يا نه؟ چيائين ته انسان تيستائين
هرگز توبه ڪري نه ٿو سگهي، جيستائين ڪ حقتعاليٰ
کيس اهڙي توفيق نه ٿو ڏئي. تڏهن ڇو نه قبول
ڪندو؟ پوءِ چيائين ته اکين کان خدا ڏي منزل
ڪانهي. زبان کان ڏانهس رستو ڪونهي. ڪن
ٻڌڻ کان ۽ هٿ پير حيرت ۾ حيران رهڻ
لاءِ آهن. ڪم دل سان آهي. تڏهين ڪوشش
ڪري

دل جي بيداري

حاصل ڪريو ڇو ته دل جي بيدار يعني سجاڳــ

چيھون چيھون ٿي پيو. تڏھن يڪدم ٿڏو ساھ
ڀري چيائين تہ الهي! ھي ڇا؟ مون مسڪين سان
ڇا ٿو ڪرين؟ آواز آيس جي مرضي ھجئي تہ
اسين توکي دنيا جي نعمتن سان مالا مال ڪري
وجھون؛ پر پنھنجو غم سو تنھنجي دل مان ڪڍي
وٺندا سين. ڇو جو انسان جو غم دنيا جي محبت
سان گڏيل دل ۾ گڏ رھي نہ ٿا سگھن. پالا ھڪ من
۾ بہ گدرا ڪٿان ماپي سگھندا؟ ٻيبي صاحب
پاڻ فرمائي ٿي تہ ائين سٺي دل کي ھٿ آڻڻ ۽
نفس کي بيوس ڪري پنھنجي وس ڪرڻ جو سبق
سکي ويس. تنھن ڏينھن پيچا ٽا پاڻ ڪي نڪي
موجود ۽ حيات سمجھيم ۽ نہ انجي سمجھڻ جو
ڪڏھن خيال ئي ڪيم. نماز پڙھان ٿي تہ پوئين
نماز جا ڏيو. ساھ ڪٽان ٿي تہ پوئين پساھ سمجھيو.
دنيا ۽ دنيا جي ماڻھن کان جدا بہ ان ڏينھن کان
پيئي ٿيس ۽ غم جي قدر ۽ قيمت جي ڪٿا بہ تنھن
پيچا ٽا ڪيم. ڏينھن ٿيو نہ آھي، خوف ورايو نہ
اٿم تہ ڪٿي دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ ڦاسي نہ
پوان. پوءِ ويل پھرين پھرين اٿائي دعا پنان
ٿي تہ رب منھنجا مونکي پاڻ ڏي مشغول ڪر تہ

ڪنهن شيءِ جي نگهبان بڻجڻ کان اڳي پهريائين اها شيءِ پنهنجي هٿ ڪرڻ گهرجي. جي شيءِ ئي نه هوندي ته نگهباني ڇا جي ڪبي؟ ان ڪري هيٺ اها مزي جهڙي حڪايت لکجي ٿي، جنهن مان پاڻ پنهنجيءَ

دل کي هٿ آڻڻ

جو سبق سکيو هوا ءِ.

حڪايت

ڇوڻ ٿا ته ڏينهن جا ڏينهن لنگهڻ م لنگهي ويندا هوس ۽ پوءِ به کائيندي رڳو هڪڙو رڳو سڪو لولو هئي. هڪ دفعي برابر ستن ڏينهن ۽ راتيون هڪڙيئي روزي مرگذاري ڇڏيا ءِ. اتي چئي ٻڪه اچي ورا ڻس ۽ نفس دانهون ڪيس ته نيٺ ڪيستاءِ پيڙينديم؟ ته اوچتوئي اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ طعام جو ڀريل پيالو آڻي ڏنس. اهو هيٺ رکي ڏيئي ٻارڻ لاءِ اُٿي ته آئي جا ٻلي تنهن پيالو ليٽائي وڌو. ڇيا ءِ ته فڪر ڪونهي. پاڻيءَ سان ئي روزو ڇوڙيو ٿي وڃان. اڃا ڪوزو ڀريوئي مس ته ڏيو وسامي ويو. پانياءِ ته پاڻي پيان ته ڪوزو هٿ مان ڇڏائي وڃي زمين تي لڳو ۽

تہ بيشڪ ائين ڪريو. پڪ آهي تہ اوهان جهڙا پيا سالڪ ائين ڪڏهن نہ ڪندا ۽ ساري اوهانجي رهندي. پر جيڪڏهن لوڪ جي نظرن کان پري رهڻ پسند هجيو تڏهن تہ اڇو هيءُ پنهنجو مصلو هوا تي تي وڃايان، مٿس نماز پڙهي وٺو. هيءُ سڻي خواجہ صاحب البت رنج ٿيو، جنهن ڪري ڪيس خوش ڪرڻ ڪاڻ چياءِ تہ حضوتا! حقيقت جو راز نہ اوهانجي ڪرمان لڌو، نہ منهنجي مان. چوجو پاڻيءَ تي هلڻ يا هوا ۾ اڏامڻ، نڍين کان نڍين مڇين ۽ ڪين جيڏين مڪين کان بہ پڄي سگهي ٿو.

غرض تہ عمر جو قدر جاڻي

روح ۽ راڙو

شروع ڪياءِ؛ جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن وئي سسئيءَ جڻان سجهندي. اهو حال ڏسي ڪنهن پڇيس ڏسجين تہ بالڪل نوبني تي پوءِ هيترو روئين ڇو پيئي؟ جي ڪا مهٽ هجئي تہ ڪٿي بڪي ٿڪي ڪريون. چيائينس تہ پهچي نہ اندر جي بيماري اندر رئي اندر ڪائي رهي آهي. ڇت جي چاڪن کي دنيا جا درمل دارون لڳندا ني

ڪو به تنهنجي طرف کان ڦيرائي نه سگهيم:

هڪڙي ماڻهوءَ کي ڏنائين ته "هاءِ غم هاءِ غم" پيو چوي. چيائينس ته ائين نه بلڪ هيئن چئو ته هاءِ بيغمي هاءِ بيغمي. ڇاڪاڻ ته جي غم هجئي ها ته ڳالهه ته پري ٿي، رڳو ساه به نه ڪڍي سگهين ها.

هڪ لڳا خواجه حسن بصريءَ کي ڳوڙهن جو بوندون ڳاڙيندو ڏسي چيائون ته حضرتا! جي سچو پچو سوراٿو، تڏهن ته باهر ڳاڙڻ بدران ڇڏيو ته اندر ڳجهڙي ڳڙي هڪڙو اهڙو دريا واهي وجهان، جو جيڪڏهن منجهس پنهنجي دل ڳوليو، ته به نه لهو، ۽ جي لهو ته به الله تعاليٰ وٽ، ڇو ته قدرت جو صاحب اهوئي آهي. خواجه صاحب کي جيتوڻيڪ اهڙي ٽوڪ وٽي ڪين ته به ڪڏي ماٺ ڪياءِ. پر هڪڙي ڏينهن بيبي صاحبه کي دريا جي ڪپ تي وينل ڏسي، پنهنجو مصلو پاڻيءَ تي رچائي چيائينس اچ ته نماز جون به رڪعتون پڙهي وٺون. پاڻ يڪدم سمجهي ويئي ته اها اچ چوڻي ۽ جواب ڏنائينس ته حضرتا جي دنيا جي بازار ۾ خلق کي ڏيکارڻ جي مرضي هجيو تڏهن

چون تا ته حضرت ابراهيم بن ادهم هر هڪ وکه تي ٻه ٻه رڪعتون نفل نماز پڙهندو، چوڏهن ورهن کانپوءِ جڏهن مڪه معظمه ۾ پهتو تڏهن ڏسي ته ڪعبة الله شريف نهيئي ڪونه. يا نياءِ ته شت اکين ۾ ڪو خلل پئجي ويو آهي، سو خوب مهٽي سهٽي صاف ڪري ڏناءِ ته ٻه اهوئي رنگ. ڏاڍي حيرت لڳيس. آواز ٻڌاءِ ته اکيون سالم اٿئي. حيرت جي ڳالهه ئي ڪا نهي. رابعه ٻيئي هيڏانهن اچي، سو ڪعبو ويو آهي سندس استقبال لاءِ. اڄ سٺي پاڻ ٻه سا ڏس ملڻ واسطي روانو ٿيو. رستي تي ڏناءِ ته هڪڙي هيٺي عورت، نينهن جي نشي سان ڀريل، دنيا ۽ عقبيٰ جي خيالن کان آجي، جان کان بيزار، موت لاءِ تيار رهڙيان هوريان هلندي اچي. چيائينس ته اي پاڪدامن رابعه! چو ڪٿي ايترو شور مچايو اٿئي؟ جواب ڏنائينس تو ته نسورو هنگامو ڪري وڌو آهي جو وکه وکه تي نماز جو نيندو آيو آهين. تون پهتو آهين نماز جي زور تي ۽ آءٌ رسي آهيان عجز ۽ نياز سان.

تڏهن جو ماٺ ٿيو پريم سان پهچڻ پا ئي، تنهن

ڪين. تڏهن هرو ڀرو ويچارن ويڃن کي ڇڙ ورچائيجي. منهنجي دوا آهي

داور جو ديدار

ٻ ان لاءِ اهڙي ته حيران هئي جو هڪ دفعي جڏهن حج ڪرڻ جي ارادي سان مڪي شريف جي ويجهو پهتي تڏهن اکين مرپا ٽي آٽي چياءِ ته خدايا! سنڌم دل غم سان ڀرپور آهي ۽ هر هر اهو خيال اچيو ٿئيم ته آءٌ مٽيءَ جي، ڪعبو شريف پيڻ جو، وڃان ڪاڏي پيئي؟ مونکي ته رڳو تنهنجو ديدار ڪپي ۽ بس. آواز آيس ته اي رابعه! ڇا (حضرت) موسيٰ وارو قصو ياد نه اٿئي؟ ته جڏهن طور جبل تي اسانجي نور جو هڪ باڪل ٿورڙو پرتوو پيو ته هو سڄوئي پرزا پرزا ٿي ويو. تڏهن اسانکي انهن ظاهري اکين سان ڏسڻ جي سڌ نه ڪر.

ٻئي هڪ پيري جي ڳالهه آهي ته مڪه معظم جي ٻاهران ڪعبه الله شريف کي پنهنجي آڏو رياءَ لاءِ ايندو ڏسي چياءِ ته ڪعبي کي ڪاڏي ڪريان. مونکي ته سندس مالڪ گهرجي. هائو انجو ديدار بيشڪ خوش ڪندم.

عشق جي ۾ بي ادا جنهنجو نون لائق آهين، پوءِ جنهن محبت جو نون لائق آهين، تنهن جي لاءِ عرض ته پنهنجا پردا کولي ڇڏ ته توکي ڏسان، ۽ هوءَ جا پهرين محبت جيم، سا آهي تنهنجي يادگيري ۾ سند ۾ رڏور هڻ ۾ تو سواءِ بي هرڪا شيءِ وساري ڇڏڻ . تڏهن شڪر ناهي انهيءَ ۾ تنهنجي لاءِ منهنجو. پر شڪر آهي تنهنجو هن ۾ به هن ۾ به.

هڪ ڏينهن الهي محبت لاءِ چياءِ ته اها هڪڙي ندي آهي جا ازل کان نڪتي ۽ ابد ڏي ويئي. وات تي ارڙهن هزار عالم لڏاڙياءِ پر ڪنهن به منجهانس لپ ڀري نه پيتي تان جو نبت وري به وڃي حق سان گڏي.

مطلب ته محبت جي مڇ ۾ عشق جي اسات سڀڀون اکين مان جر وهائي وهائي حال ئي هيٺون ڪري وڌاءِ. هڪ دفعي ڪنهن پڇيس هيترو ڇو پيئي روئين؟ چيائينس ته

جدائيءَ جو دپ

ٿو روا ڙيم. الله سان اينري الفت ٿي ويئي اٿم ۽ سا ٽس اهڙي ته هري ويئي آهيان، جو هر

ڪي ڀريا نٿي ڀريا نٿي

محبت جو مچ

مچائي هڻ ۽ وڏائي جو وهم وسارڻ ۽ نماڻائي ۽ نهٺائي جو سبق سکڻ بيحد ضروري آهي. بيبي صاحبہ اهو سبق چوليءَ ۾ ئي پڙهيو هو. هنئَر جئن وئي وڏندي تئن وئي سنديس پريت زياده پختي ٿيندي. ڳالهہ ته ڪن ته هڪڙي ڀيري ڪنهن پڇيس ته تون شيطان سان دشمني رکين ٿي؟ ڇيائينس ته رحمان جي محبت کان واندي هجان ته ڪٽي ڪنهن ٻئي کي پيار ڪريان يا ساڻس دشمني رکان. مونکي فرصت ئي ڪانهي،

پاڻ خود چيو اٿس ته حضرت رسول ڪريم صلعم خواب ۾ پڇيم ته اي رابعہ ڇا تون اسان کي ڀانئين ٿي؟ عرض ڪيم ته يا رسول خدا جا صلعم اوهانکي ڀلا ڪير نه ڀائيندو هوندو. پر مولا جي محبت منهنجي دل کي اهڙو ته قابو ڪري وڌو آهي، جو ٻئي ڪنهنجي دوستي يا دشمني لاءِ منجهس جاءِ ئي ڪانهي.

پاڻ پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چوي ٿي ته يارب! مونکي ٻہ سان ٻہ محبتون اٿن. هڪڙي محبت

۽ ان تي زماني جون زالون جيترو فخر ۽ مرڪ ڪن اوترو ٿورو ٿيندو. عورت اها آهي جنهن ۾ رحم هجي ۽ شرم. حيا هجي ۽ پارسائي. سچائي هجي ۽ وفائي. اي نيڪ بخت بيبي! تو ۾ اهي سڀئي صفتون موجود هيون. تو نيڪيءَ جي ڪوٽ ۾ ويهي شيطاني فوجن جو مقابلو ڪيو. تو ڪنهن هاريو. تو زال ذات جي عزت دنيا ۾ وڌائي. تو تي مردن کي به ناز آهي. پڪ چاڻ ته پنهنجي جان جي بتيءَ ۾ جو ايمان جو ڏيو تو ٻاريو هو تنهنجي پاڪ روشنيءَ تي اڄ به هزارين پتنگ ۽ پروانا پاڻ قربان ڪري رهيا آهن. يقين آهي ته اهو پاڪ ڏيو هميشه ٻرندو ۽ برڪت ۽ هدايت جي روشني ڏيندو رهندو.

نقل آهي ته هڪ ڏينهن خواجه حسن بصري شقيق بلخي ۽ مالڪ دينار وٽس ويا ۽ صداقت يعني سچائيءَ تي گفتگو ٿيڻ لڳي. خواجه صاحب چيو ته جو شخص پنهنجي مالڪ جي ڏنل تڪليف تي صبر نه ڪري تنهنکي صادق چئي نه سگهبو. بي بي صاحبه چيو ته ان مان ”آءُ“ يعني خوديءَ جي بوءِ پيئي اچي. حضرت شقيق فرمايو ته جو

وقت اهو دپ اچيو ڪٽيز ته مرڻ مهل مٿان حڪم اچي ته هيءَ مونکي ڪانهگهرجي.

هڪڙي شخص کي چار درهم ڏناءِ وجي ڪٽي وٺي آءُ. ان پڇيس ته اچي آٽيان ڪاري. چيائينس ته بس پيسا موٽائي ڏينر. اچا آيئي ناهي ته پيائي شروع ٿي. اهڙي شيءِ جي وڻڻ جو ضرورئي ڪرنهي. پوءِ اهي پيسا نديءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين.

جدائيءَ تنهرقي جو ايترو ته دپ رهندو هوس جو ڪڏهن چري يا ڪپ ڪم نه آڻيندي هئي. چوندي هئي ته ڪاتيءَ جو ڪم ودڻ آهي. آئين نه ٿئي جو مون ۽ منهنجي پياري مالڪ جي وچ ۾ جدائي وجهي ڏئي.

هڪ لڳا خواجه حسن بصريءَ کي چياءِ ته ست ڪني بازار ۾ پين درهمين وڪڻي آيس. پوءِ هڪڙو درهم هڪڙي هٿ ۾ ۽ ٻيو ٻئي هٿ ۾ جهليم جو چيم ته جي ٻئي هڪڙيئي هٿ ۾ ڪٺند يس ته جوڙو ٿي پوندو ۽ ڪٺم راه کان بيراه ڪري وجهندو. اهڙي هئي سنديس پنهنجي رب سان

صداقت ۽ سچائي

شڪر ڪئن ڪريان جو ساري رات پنهنجي عبادت ڪرڻ جي سگهه ۽ توفيق ڏنائيم. چڱو سيا ٽي ڪٽي شڪراني جو روزو رکنديس.

چوندي هئي ته جي راحت ۽ خوشيءَ تي شاڪر آهيو ته تڪليف وقت به صبر ڪريو ۽ مٿس راضي رهو.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن شخص مٿي جي سور سببون ڪري مٿي کي پٽي ٻڌي هئي. بيبي صاحبه پڇيس "هيءَ ڇو ٻڌي اٿئي؟"

"مٿي ۾ سور اٿم."

"عمر ڪيتري اٿئي؟"

"شمار ٽيه ورهه."

"هن کان اڳ به ڪڏهن مٿي ۾ سور سنيپرين؟"

"نه."

"ايتريءَ مدت ۾ شڪر جي پٽي نه ٻڌيءَ. هڪ ڏينهن ۾ شڪايت جي پٽي ٻڌي ورتيءَ. اي ميان! هي به ڪو نمونو آهي."

هڪ دفعي بيبي صاحبه خواجه حسن بصري ڏي شمع جو پور، سئي ۽ وار، اهي ٽي شيون ڏياري موڪليون ۽ چوائي مڪائينس ته شمع وانگر پاڻ به پيو سڙ ۽ ٻين کي به پيو روشني پهچا ۽.

پنهنجي خالق وٽان مليل تڪليف تي شڪر نہ ڪري سو صادق ناهي. چيائين تہ صادق اچا بہ ٻيو. حضرت مالڪ چيو تہ جنهنڪي پنهنجي دوست جي ڏنل زخم مان لذت ۽ مزو نہ اچي تنهنڪي صادق نہ چئجي. فرمايائين تہ اچا بہ مٿي. پوءِ انهن تنهي بزرگن جي زور ڪرڻ تي پاڻ چيائين تہ جنهن شخص پنهنجي محبوب جي مشاهدي ۾ زخم جو درد نہ وساريو، تنهنڪي صادق يعني سچائي جي دعوا ۾ سچو نہ چئبو. پوءِ جيڪڏهين ڪو ماڻهو پنهنجي مالڪ ڏني ان صفت کي پهتو بہ هجي، تہ وسهبو. چو تہ مصر جي زالن حضرت يوسف کي ڏسي پنهن جا هٿ پيرو وڍي وڌا تہ ڪل ئي ڪانہ پين. تڏهن خالق کي ڏسي، جيڪڏهن ڪنهن مخلوق ائين ڪيو تہ ڪهڙو عجب!

هڪڙي پيري ماڻهن پڇيس تہ بندو ڪڏهن راضي ٿئي ٿو؟ چيائين تہ جڏهن محنت تي بہ اهڙوئي شاڪر آهي جهڙو ڪ نعمت تي.

حضرت سفيان ثوري چوي ٿو تہ هڪ رات صبح سوڌو بيٺي نماز پڙهيائين. آءُ بہ ڪانئس ٿورڙوئي پرڀرو ساڳي شغل ۾ مشغول هوس. سج اڀرڻي پاڻ چيائين تہ آءُ سندس

کي پہ بزرگ وٽس ويا. پڇيائين تہ خدا
پاڪ جي عبادت ڇوٽا ڪريو؟ هڪڙي چيو تہ
دوزخ جا ست ئي درجا خوف ۽ هيبت سان پربور
آهن ۽ مڙني کي مٿان لنگهڻو آهي. انجي دهشت
۽ ڏڙڪن کان ڊڄان ٿو. ٻئي چيو تہ بهشت جي
اٺن درجن جيهيون جايون ڪٿي ڇڏيون ليڪيون
۽ منجهن هر قسم جي نعمتن ۽ آسائش جو انجام
ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري سندس بندگي ڪريان ٿو.
هي سڀئي چيا ۽ تہ بند و خراب آهي جو پنهنجي
خاوند جي ڪنهن شيءِ جي خوف کون يا ڪنهن
اجوري جي اميد سببون سندس عبادت ڪري
ٿو. پڇيائونس تہ پالا تون ڇوٽي ڪرين؟ ڇا
تو کي ڪا بہ طمع ڪانهي؟ چيائين تہ مون ڪاڻ
دوزخ يا بهشت جو هئڻ نہ هئڻ هڪ جهڙو آهي.
ڇو تہ سندس عبادت هر انسان تي فرض آهي.
پالا هيءَ تہ ٻڌايو تہ جي دوزخ يا بهشت نہ هجي ها
تہ عبادت ئي نہ ڪجي ها ڇا؟ ڇا الله پاڪ
انجو لائق ناهي جو ڪنهن واسطي کانسوا ئي
سندس عبادت ڪئي وڃي؟

ماڻهن چيس، خواجہ حسن، ڇوري ٿو تہ جيڪڏهن

سئيءَ جتان پاڻ اگهاڙو رهه ۽ اگهاڙن جا ڪپڙا تيار ڪري سندن ستر ڍڪي ۽ وارو انگي ضعيف ۽ نستوڻي گذار ته سنده ڪم نهي اچي .

چوندي هئي ته ڪي دوزخ جي ڊپ ڪري خدا پاڪ جي عبادت ڪن ٿا ته ڪي وري بهشت جي طمع تي . جي

بهشت ۽ دوزخ

نه هجن ها ته جيڪر ڪوبه عبادت نه ڪري ها . جڻ ته ڪنهن لوڀ يا اُجوري ڪانسواءِ هو عبادت جو لائق ئي ناهي .

هڪڙي ڏينهن پاڻ بيمار ٿي . ماڻهن بيماريءَ جو سبب پڇيس . چيائين ته اڄ اچي بهشت جي خواهش ٿيم ، جا ڳالهه منهنجي واليءَ کي نه وڻي ۽ ڏوراپو ڏيئي چيائينم ته مون ڪانسواءِ ٻيءَ شيءِ جي چو سڌ ڪيءِ . بس ان ڏورابي ڪيرائي وڌيس .

چون ٿا ته هڪ ڀيرا حضرت سفيان ثوري ڪانئس پڇيو ته ايمان ڇا آهي ؟ چيائينس ته ايمان اهو آهي جو پنهنجي پروردگار جي بندگي نه بهشت جي آس تي ڪجي ، نه دوزخ کؤن ڊڄي ڪجي . پاڪ خاص محبت ۽ شوق سببون ڪجي .

مونکي جهنم ڏي موڪليءِ ته تنهنجو هڪ اهڙو
راز ظاهر ڪري ڇڏيندس جو سڀئي دوزخ مونکان
هزار ورهن جي وات تي پڇي ويندو. دنيا جو
جيڪو حصو مون کاڻ مقرر ڪيو آهي سو پنهنجن
دشمنن کي ڏي، ۽ جو حصو آخرت جو منهنجي
واسطي آهي سو پنهنجن پيارن کي ڏي، ڇو ته مون
لاءِ تون ئي ڪافي آهين. خدايا! جيڪڏهن
آءٌ تنهنجي اطاعت ۽ تابعداري دوزخ کون ڊڄي
ڪندي هجان ته تون ڪڻم دوزخ ۾ روجهج ۽ جي
جنت سانگي ڪندي هجان ته مونتي جنت حرام
ڪج ۽ جيڪڏهن تنهنجي ئي لاءِ تنهنجن حڪمن
جي پيروي ڪريان تڏهن ته اي داتا تون هت
به پنهنجي ديدار سان خوش ڪرينم ۽ هت به بي
نصيب نه رکجئينم. الهيٰ هن دنيا ۾ منهنجو ڪم ۽
منهنجي سڌ آهي تنهنجي يادگيري ڪرڻ ۽ آخرت
۾ تنهنجو ديدار پسڻ. سنديم خواهش ته اها
آهي اڳتي تون مالڪ آهين. جئن وڻئي تئن
ڪر. آءٌ رضا تي راضي آهيان.

ڪرامتون

پاڻ ڪيترائي حج ڪيا هوا ۽. هڪ دفعي

سيان قيامت جي ڏينهن حقتعاليٰ جي ديدار کان
پل به پري ڪيا ئو نه ته يڪدم اهڙو ته روڄ راڙو
وٺي ڪندس جو سڀني بهشتين کي مٿم رحم ايندو.
چيائين ته ائي سچ آهي. پر آخرت ۾ ائين انهيءَ
کي ڪرڻ جڳائي جو جي دنيا ۾ هڪ گهڙي به يار
جي يادگيري کان غافل رهيو هجي ته ان افسوس
۾ چون روئي روئي پنهنجو حال ئي وڃائي ڇڏيو
هجيس.

هڪ دفعي چيائين ته خدايا! جي تون مونکي
دوزخ ۾ وجهندين ته آءُ يڪدم وٺي فرياد ڪنديس
۽ چونديس ته مون توکي دوست ٿي رکيو ۽ دوستن
سان ائين ڪرڻ هرگز نه ٿو سونهي. آواز آيس
ته اي رابعه! توکي پنهنجن پيارن جي پاڙي ۾
جاءِ ڏينداسين نه پلي اسان سان ڳالهائين
ٻولهائين.

ٻئي هڪڙي پيري پاڻ خاص مناجات ڪيائين،
جا هيٺ لکجي ٿي. انجو مزو هيئي وٺندا جي
بزي جي معنيٰ کان واقف ۽ اهل دل هوندا.

مناجات

منهنجا حقيقي محبوب! جيڪڏهن سيان

وت هلي آئي. چي اوهانجيون ڳالهيون ڪني چاڙهڻ ڪان نيٺ به چڳيون آهن. ايسين جو وهندي وهندي سانجهي نماز به پڙهيسون. تنهن بعد جان وجي، ديگڙي کي ڍڪي ته گوشت رڌو رکيو آهي. پاڻ اهو ونر ڪٽي آئي ۽ ماني جي هڪڙي سڪل پيور سان گڏجي ويهي کاڌو سون. اهڙو مزي جهڙو بوڙ مون اڳي ڪڏهن به ڪونه کاڌو هو.

هڪ لڳا بي بي صاحبه هڪڙي جبل تي وئي هئي ۽ هرڻ ۽ گورخر ۽ پيا به ڪيترائي اهڙا جهنگلي جانور سندس آسپاس بيٺي چنا. اوچتو خواجه صاحب به اتي آيو ته سيئي جانورتهي پڄي ويا. تڏهن پاڻ حيرت ۾ پئجي کانئس پڇيا ۽ ته ڇو هو توسان هريا پيا آهن ۽ مونکان ڀڄن ٿا؟ بيبي صاحبه پڇيس ته اڄ ڪاڏو ڇا اٿو؟ چيا ۽ ته چربي چيائينس ته جنجي چربي کائبي، سي ڪئن نه پڄندا.

وفــــات

جڏهن دنيا ۾ سندس حياتيءَ جو ماڻ پرجي آيو، تڏهن حضرت مالڪ بن دينار ۽ رباح بن قيس ڏئي کيس پڇڻ ويا. ان وقت پاڻ بيهوش هئي.

جي ڳالھ آهي تہ حج ڏي ويندي واٽ تي سنڌس
ڳڏه مري ويو. قافلي وارن گھٽوئي زور ڪيس
تہ اسين تنھنجو سامان پنھنجن وھٺن تي ڪٽيو ڏا
ھاون پر پاڻ انڪار ڪيائين، قافلو ھليو ويو. تڏھن
چيائين تہ اي رب پاڪ تنھنجي پاڪ گھر جي راھ ۾
وڃي رھي ھيس پر تو ڳڏه ئي ماري ڇڏيو، آءٌ ھن
سڃ ۾ اڪيلي ئي اڪيلي رھجي ويس. اجا چيائين
ئي پئي تہ ڳڏه جيئرو ٿي اٿيو، جو پوءِ پنھنجو
سامان وري بہ مٿس لڏي بيت الله ڏي رواني ٿي.
ھڪڙي رات خواجہ حسن بصري کان سنگتين
سوڏ و بي بي صاحبہ وٽ ويو تہ ساري جاءِ ۾ ڪاري
ڪا نيار لڳي پيئي ھئي. خواجہ صاحب چيس تہ
ڏيو ڪٽي ٻاريو. پاڻ وٽس ڏيو ھجي تہ ٻاري.
آخر ڏاڍي لاچار پئجي پنھنجيون آڱريون اپيون
جھلي وٺي جاڪري مٿن ڦوڪ ڏنائين تہ سارو گھر
سھاءَ سان پرجي ويو.
خواجہ صاحب فرمائي ٿو تہ ھڪڙي ڏينھن
وڃين ٽاٽي وٽس ويس. پاڻ گوشت ديڳڙي ۾
وجھي اجا چاھہ تي رکيوئي مس ھوائين تہ مون تي
نظر پيس. پوءِ تہ اھو اتيئي ڇڏي امالڪ مون

ڪا ٿو. پاڻ انجي حقيقت پڇياءِ، جنهن تي سارو قصو ڪري ٻڌايو ماڻس. چياءِ ته تڏهن آءٌ ڪئن ڪيان جو خبر نه اٿم ته ڪانگ ڪٿان آندو. ظالم جي باغ مان ڪي مظلوم جيَ مان. پوءِ جيڪي به ماڻهو وٽس ويٺا هوا، تن سڀني کي فرمايا ءِ ته ها ٽي حجري مان هليا وڃو ڇو ته رب جي قاصد واسطي جاءِ خالي ڪرڻ گهرجي. اهي سڀ ٽي اسين يڪدم اٿي ٻاهر ويا سين ته اوچتو ئي اوچتو غيب مان هيءَ آواز ٿيو ته يا ايها النفس المطمئنة ارجعي الي ربڪ راضية مرضية يعني اي نفس مطمئن پنهنجي رب ڏي هل. هو توکان خوش ۽ تون هن کان خوش آهين. تنهن بعد جان اندر وڃي ڏسون ته سجدي ۾ ئي روح مبارڪ عرش اعلي ڏي هليو ويو هوس.

هيءَ واقعو ١٨٥ هجري يعنى ٨٠١ع ۾ ٿيو. ڪئن ۾ اهڙيئي ڪيترا ڏنائونس، جي ڪ پاڻ دنيا ۾ ڪندي هئي. انهن ۾ هڪڙو اُن جي استر جو جبو به هو. سنديس تربت بصري ۾ آهي جتي اڄ به "ڪروڙين ڪن سلام اچيو آسڻ ان جي."

ڇون ٿا ته پوئين ڏينهن خواجه حسن بصري

خوش ۾ اچڻ پيا ٿا ڄڻن ڪا ڪنهن بيهوشي جو سبب
پڇيو. چيائين ته
ڪيچ ڪماڻيءَ ڪوڙ پيگم سهڊ الله جا
پنهنجو جو پاڻ جو سو چوڻي تاءِ چور
پنهنجيون ڪيچايون ڏسيو لڇ ٿي مران. پڇيائونس
ته جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي سڌ هجيو ته آڻي حاضر
ڪريون. چياءِ بس ته ڪا سڌ ڪا نهيم. رڳو پانيان
ته مولا مهر ڪري مره ڪريم ۽ سمورا گناهه بخشي
ڇڏيم. چيائونس ته اسين هن دنيا جي ڪنهن
شيءِ بابت پڇون ٿا. چيائين ته ويهن ورهن کان
نارڪ نه ڪا ڏي اٿم. حضرت مالڪ پنهنجي دل ۾
چيو بصري ۾ ته باغ مور ڪونهي پر تڏهن به وڃيو
ٿو پڇا ڪريان، من ڪاٿون ملي به وڃي. اهو
خيال ڪري باهر نڪتو ته يڪدم وڃي هڪڙي
ڪانگ تي اکه پيئس جو ڪا رڪن جو سنگ وات ۾
کيو اڏامندو پئي آيو. ان اهو اچي سڌ وحضرت
مالڪ تي ڪيرايو جو پاڻ مٿانئي جهٽي ورتاءِ.
حضرت مالڪ چوي ٿو ته آءُ اهو ڪٽي وڏنديون
وڪون پرينڊ و يڪدم وڃي بيبي صاحبه اڳيان
اڌضر ٿيس ۽ خوش ٿي چئيم ته اڄو هي سنگ، ڪٽي

ٿو ڏني تہ ھيءُ نئين طباق ۾ وجھو ۽ ان کي نور جي رومال ۾ ويڙھي ڦاٽي ميت ڏي کڻي وڃو ۽ چئوس تہ اي ڦاٽا ھي تحفو تو ڏي ڦاٽي شخص موڪليو آھي.

ھڪڙي ڏينھن ڪنھن بزرگ بي بي صاحبہ کي خواب ۾ ڏسي کانئس منڪر ۽ نڪير جو احوال پڇيو. چيائينس تہ جڏھن ھنن اچي پڇيم تہ تنھنجو رب ڪير آھي؟ تڏھن چيو مان تہ موٽي وڃي منھنجي طرفان منھنجي مالڪ کي چئو تہ ھزارن مخلوقن ھوندي بہ تو ھڪ پوڙھي ۽ ضعيف زال کي نہ وساريو. مون تہ توکي سيني کان وڏيڪ دوست رکيو ٿي، سو ڀلا ڪئن وساري ڇڏيان ھا. خبر ناھي تہ ڪھڙي سبب ڪري تون ڪنھن کي موڪليو پڇين ٿو تہ تنھنجو خدا ڪير آھي؟

محمد اسلم طوسي ۽ نعمي طرطوسي، جن ھڪڙي بيابان ۾ ٽيھن ھزارن ماڻھن کي پاڻي پياريو ھو، سي ٻئي بي بي صاحبہ جي قبر تي ويا ۽ چيائون تہ اي قبر واري تون ٻڌاءِ ڪ ھٽندي ھئين ۽ تہ آءٌ ٻنھي جھانن کان فارغ ۽ آزاد آھيان.

ڪي ڏسي بيبي صاحبہ کي ياد پيو تہ هيءَ حضرت ڪيترائي دفعا مونکان ڏڪيو آهي جنهن ڪري معافي وٺڻ طرح پڇيائينس تہ ساءِ جيڪڏهن ڪنهنکي پنهنجي ڪنهن سڄڻ کان، پوءِ اهو مرد هجي يا عورت، ڪو ايذاءُ پهتو هجي تہ ڪيس ڇا ڪرڻ کپي؟ خواجہ صاحب چيو تہ انکي اهو ايذاءُ منو ڪري پوڳڻ گهرجي ۽ ان بابت ڪا بہ دانهن يا ڪوڪ هرگز ڪرڻ نہ گهرجيس. ان تي بي بي صاحبہ کي اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ نرميءَ سان چيائين تہ حضرتا سنو رستو هيءُ آهي جو ڏکہ پهچي ۽ انهيءَ ڪري خوشي ظاهر ڪجي ڇاڪاڻ تہ اهوئي انعام آهي جنهن لاءِ ماڻهو پنهنجي سچي دوست ۾ اميد رکي ٿو.

شيخ شاربن غالب چوي ٿو تہ سنديس وفات کانپوءِ هر رات کيس ختمون بخشيند و هوس. هڪ رات خواب ۾ چيائينم تہ اي شيخ تنهنجو تحفو مونکي ڏينهاڙي رسي ٿو. پڇيم تہ اوهان کي ڇا ٿو رسي. چيائين تہ جيئرا جيڪو بہ صدقو دعا يا ختمون خاص خدا ڪارڻ ڪنهن مماتي واري لاءِ ڪن ٿا، سو قادر ڪريم قبول ڪيو ملائڪن کي حڪم

سنڌي ساهت پريشد ڪراچي.

هن پيري رسالي نڪرڻ ۾ گهڻي دير ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ هندواسي ۽ ٻين سنڌي اخبارن ۾ انهيءَ جو اطلاع ڏنو هوسون ته بسمجهون ٿا ته خريدار صاحب اسانتي مٺيا وينا هوندا. ڪن جو ته ويسهه ئي نڪري ويو هوندو. پر ڏادا لاچار هوا سون. گهڻن سببن ڪري ڇاپخانه هڪڙي مان ڪم ڪڍائي ٻئي کي ڏيڻو پيو. نه ته رسالو مي ۽ جون جو اڳيئين ڇاپخانه ۾ فيبروريءَ منجهه پيو هو سون. هن ڇاپخانه کي به رسالو مي جي اڳياڙي ۾ ڏنو ويو هو ڏن به ٽڪائي ڇڏيو. پيو ڪنٽراڪٽ به گهڻوئي هو پر هن پيچاڻان اُميد آهي ته رسالو مهل ٿي نڪرندو رهندو. رگو جولائي واري رسالي جان تان دير پوندي. اُهو به ٢٠ جولاءِ تا خريدارن کي پهچي ويندو.

ھا ٽي پڌاءِ تہ ڇا حال اٿئي. آواز آين تہ جيڪي
مون ڏنو آھي ۽ جو ڪجھہ ڏسي رھي آھيان،
سو شل ھميشہ ڏسنديئي رھان.
شال مٿس رب پاڪ جي رحمت ۽ برڪت ھجي.

آمـــيـــن

پـورو ٿـيـو





..ut th
e su
rece
merica
ic? I
ection
re dis
h is
politic
ial fo
the N


E O'B


'S the
d to a
he Em
pire t
, may
we fi
way
hat is
eboder
at in

PRINTED BY
C. B. Shivdasani & Co., at the
HYDERABAD PRINTING WORKS, Bander Road, Karachi
AND PUBLISHED BY
Lalchand A. Jagtiani, Secretary Sindhi Sahit Society Karachi.









"The Peoples of the Earth Toc

ughout the world ferment works h the surface; it has broken h in recent days in Spain and th America. Out of what does this t arise? What does it all mean? t direction are we headed? These ns are discussed in the following which is based on close observa- the political scene and the move- f social forces in the Old World as in the New.

ANNE O'HARE McCORMICK

RHAPS the ultimate New Yorker, noored to a mast as much taller han the Empire State Building as hat spire towers above the old ; post, may read in an airy para- where we finally landed who are our way in so many opposite ns. That is to suppose, of course, e foreboders are as wrong as nd that in the late 2000s there

the illusion of distance and to worry be- cause men no longer worked eight hours a day performing the functions of ma- chines. The commentator of the future will need that long perspective to see whole the panoramic struggle which began with the invention of democracy in the eighteenth century and ended—well, in the year 2000 or thereabouts he may know how it ended.

For us who breathe, from birth to death, the thick dust of armies on the march, one guess as to our eventual des- tination is about as credible as another. We behold movements and counter-move- ments, national renaissances and reactions nearly equal in effect; we are sucked into tides of revolution that sweep back as often as they sweep forward. For the first time in history the way of progress looks bleak and terrifying to its heralds, and we have on every front the same strange spectacle to be seen on the route



in Motion and in Revolt."

·ships conspire for democracy. The kind of government nobody approves the kind he has.

hen it comes to that, what do forms government mean, or names? In ope there are a dozen more republics there were when the war ended; not than three or four can be called ocracies and not one enjoys anything the representative government obng in at least six of the remaining archies. New republics under abte presidents, like Turkey, advance ard standards set by old kingdoms r constitutional monarchs, like Swe- A king may be a dictator like Alexr of Yugoslavia; subject to dictator- like Victor Emmanuel of Italy; traditional symbol of continuity of rnment, like George of England.

ly about 40 per cent of the people enjoy self-government—ourselves, for nple—care enough

letarian less choice as to how, wh and at what wages he shall work th does the most unregulated capitalist sy tem. The political map, in short, is l a ribald attempt at cartography by a c mic caricaturist. Its dead seas of ci lethargy are the areas of advanced mocracy—England, France, the Uni States; its volcanic continents, erupt for liberty, are the so-called politic backward regions—South America, Chi India.

Who shall make sense out of th crazy contradictions? Who at any p in this reeling landscape has the teme to put up a sign indicating where highway leads and what is to be fo at the end of it? Like Columbus, a g many pathfinders set out for Indias arrive at Americas. On the other ha who can look back across two decad one, even the moment in time represen